# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO. XXXIII OF 1984
# سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SIND COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

2. مغربي پاڪستان آرڊيننس XX مجريه 1966 جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of West Pakistan Ordinance XX of 1966

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO. XXXIII OF 1984

# سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SIND COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[18 آڪٽوبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس 1966 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جيئن ته وفاقي شرعي عدالت سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

تنهنڪري 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول(ترميم)، آرڊيننس 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

مغربي پاڪستان آرڊيننس XX مجريه 1966 جي دفعه

2. سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس 1966 جي دفعه 7 ۾ ذيلي دفعه (3) ڪانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعه جو اضافو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| ”(3_A ’ذيلي دفعہ (3) جي تحت پاس ٿيندڙ آرڊر کان متاثر ٿيل شخص هن آرڊر جاري ٿيڻ جي 7 ڏينهن جي اندر مرضيءَ موجب حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.<br>هن اپيل جو تيستائين ڪو آرڊر نہ ڪيو ويندو جيستائين اپيل ڪرڻ واري شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نٿو ڏنو وڃي. | 7 ۾ ترميم<br>Amendment of section 7 of West Pakistan Ordinance XX of 1966 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**